(گل - ١٥)

## ڪيرتن مهل پوشاڪ ڪهڙي؟
## ڪيرتن ۽ وياکيان جو اثر



ڪيرتن ڪندڙ هريداس، گهڻو ڪري ڪيرتن ڪرڻ وقت پوري پوشاڪ مٿان، لنبو انگرکو پائيندو هو ۽ مٿي تي ڦيٽو يا صافو ٻڌي، ڪلهي تي گمڇو وجهي، ڌوتي پهريندو هو. هڪ ڀيري ڳاڻو ۾ ڪيرتن ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڀڳت داس گڻو ٻه، هريداس وانگر ٺهي ٺڪي پوشاڪ پائي، اول باباجن جو درشن ڪرڻ آيو. بابا يڪدم چيو ته ”واهه واهه دولهه راجا! ٺهي ٺڪي ڪيڏانهن سنيريو آهين؟“ جواب مليو ته ”ڪيرتن ڪرڻ لاءِ.“

ان تي باباجن چيو ته ”ڪوٽ، گمڇي، ڦيٽي وغيره جي اتي ڪهڙي گهرج آهي؟ هيئنر جو هيئنر منهنجي سامهون لاهي رک. انهن جي ڪابه ضرورت ناهي.“ داس گڻو هٿ جوڙي يڪدم مٿيان ڪپڙا لاهي، باباجن جي چرنن ۾ رکيا ۽ ان ڪانپوءِ وري ڪيرتن تي ڪڏهن به ڪين پاتائين. ان بدران ڪمر تائين ڌوتي، هٿ ۾ ڪرتال ۽ ڳچيءَ ۾ هار پائي ڪيرتن ڪندو هو. جيتوڻيڪ هريداس راڳيءَ جي خيال موجب اها پوشاڪ نيڪ نه هئي،

۾ ڪيرتن ٻڌ تيءَ جو جنم داتا نارد منيءَ ۽، ڪمر جي مٿان ڪوٽ ڪپڙو ڪونه پائيندو هو ۽ هڪ هٿ ۾ ويڻا کڻي، ڪيرتن ڪندو رهندو هو، تنهن ڪري نارد ڀڳت واري پوشاڪ جي ريت، شڌ ۽ پوتر ليکي وڃي ٿي.

ڀڳت نانا صاحب چندورڪر جي وارتالاپ ۽ ڀڳت داس گڻوءَ جي مڌر ڪيرتن جي معرفت، باباجن جي ساراهه پوني، احمدآباد، ڪونڪن (بمبئي) تائين ڦهلجي ويئي. ٻئي باباجن جو سنيهو، گهر گهر ۾ پهچائڻ جي شيوا ڪندا رهيا. ڪن کي چندورڪر جي ودوتا ۽ لنڪن چٽڪن ٻڌڻ مان مزو ايندو هو ۽ ڪن کي داس گڻوءَ جي ڳائڻ ۽ ڀڳتي ڀاءُ مان رس ايندو هو. ڪٿائن جي شوقينن کي چندورڪر جي ڪٿا ۽ وياکيان مان سواد ايندو هو ۽ داس گڻوءَ جي ڪيرتن مان، ڀڳتيڪ پرشن جي دل تي گهرو اثر پوندو هو.

اؤرنگ‌آباد مان هڪ آدمي، گهوڙي تي سوار ٿي نڪتو ۽ باباجن جو درشن ڪري، اڳيان وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو ته بکايل هئڻ سبب، گهوڙي وڃڻ جي نه ڪئي. هن گهوڙي لاءِ چڻن وٺڻ جي تيلهي خرزين مان ڪڍي ڇنڊي ته اُن مان ڇپڪلي (ڪرڙي) نڪري، پٽ تي چڙهي ويئي. باباجن گهوڙيسوار کي چيو ته "ڪرڙيءَ ڏانهن ڌيان سان نهار." هن ڏٺو ته سندس ٿوٿريءَ مان نڪتل ڪرڙي، پٽ کي مٿي وٺل پي



لعلدي باغ شري سائين بابا جو وشرام - آستان

ڪوڙي سان ڏاڍي پريم سان وچي مليو ۽ خوشيءَ وچان ٻئي ٻچي کي هلائي، پٽ تي نپڻ ۽ چڪر هڻڻ لڳيون.

اؤرنگ آباد کان آيل ڪرڙي، شرڌيءَ ۾ رهندڙ پيڻ ڪرڙيءَ سان ملڻ جو پتو، آنتريامي باباجن کي ڪٿي پيو! اهڙيون آشچريه جنڪ گهٽنائون، سنتن جي انترياميتا ۽ وياپڪتا جون ثابتيون پيش ڪن ٿيون.

